# جنت جون
# بَهارُون

27-February 2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

27 فيبروري 2026ع (اسلامي تاريخ: 9 رمضان ڪريم 1447ھ) تي پاڪستان
جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جنت جون بَهارُون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... جنت جي سڀ کان وڏي نعمت
- ✿... جنت ڪهڙي شيءِ مان ٺاهي وئي آهي؟
- ✿... جنت ۾ هارپو
- ✿... جنت جي سڀ کان اعليٰ نعمت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي 1000 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو اُهو اُن وقت تائين نہ مرندو جيسيتائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي.** (1)

بروزِ جُمعہ پڑھے جو درود اور صَلَوات | نہ ہووے کیونکر اُسے نارِ دوزخی سے نجات
گر آرزوئے قبولِ دُعا ہو اے لوگو! | بروزِ جُمعہ پڑھو تم درود ہر اوقات (2)

وضاحت: يعني جيڪو بہ شخص جمعي جي ڏينهن درودِ پاڪ پڙهندو، اهو جهنم جي باهہ کان نجات ماڻيندو. اي مسلمانو! جيڪڏهن دعائن جي قبوليت جي تمنا اٿوَ تہ خاص طور تي جمعي جي مبارڪ ڏينهن هر گهڙي درودِ پاڪ جو ورد ڪندا رهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.)(3)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون،

1... افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔
2...کافی کی نعت، صفحہ:41۔
3... بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (1) جنت جي سڀ کان وڏي نعمت

صحابيءِ رسول، خادمِ مصطفيٰ حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، هڪ ڀيري حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، انهن وٽ هڪ تمام گهڻو چمڪندڙ آئينو (Shiny mirror) هو، جنهن جي اندر هڪ ننڍڙو ڪارو نقطو هو- پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جبرائيل! هي چمڪندڙ آئينو ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي جمعي جي ڏينهن جو مثال آهي ۽ هي جيڪو ڪارو نقطو آهي، اِهو اُها ساعتِ جمعه (يعني جمعي جي گهڙي) آهي، جنهن جي ذريعي توهان کي ۽ توهان جي امت کي اڳين امتن تي فضيلت بخشي وئي آهي- **هيءَ اُها گهڙي آهي جو ان وقت مسلمان الله پاڪ کان جيڪا ڀلائي گهرندو آهي، الله پاڪ کيس عطا فرمائيندو آهي ۽ جنهن برائي کان پناهه گهرندو آهي، الله پاڪ ان کان کيس پناهه ڏيندو آهي.**

حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام وڌيڪ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ! جمعي جي ڏينهن کي اسان ملائڪ يَوْمُ الْمَزِيْد چوندا آهيون- پڇيائون: يَوْمُ الْمَزِيْد ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو: جنت الفردوس ۾ هڪ وادي آهي، جمعي جي ڏينهن اُتي نور ۽ سون جا منبر لڳايا ويندا، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام انهن نوري منبرن تي تشريف فرما ٿيندا، صديقين، شهدا ۽ نيڪ ٻانها سون جي منبرن تي ويهندا، سڀ اتي جمع ٿي الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪندا، الله پاڪ انهن کي فرمائيندو:

سَلُوْنِی (مون کان گهرو!) ٻانها عرض ڪندا: مولا! اسان تنهنجي رضا چاهيون ٿا- الله پاڪ فرمائيندو:

قَدۡ رَضِيتُ عَنۡكُمۡ رِضَاءً اَحَلَّكُمۡ دَارِی وَاَنَالَكُمۡ كَرَامَتِی

**ترجمو:** مان توهان کان اهڙو راضي ٿي ويو آهيان جو پنهنجي رضا جي سبب توهان کي پنهنجي گهر ۾ جاءِ ڏني ۽ توهان کي پنهنجي (طرفان) ڪرامت (عزت ۽ بزرگي) عطا ڪئي-

ان کان پوءِ الله پاڪ انهن تي تجلي فرمائيندو، ماڻهو پنهنجي رب جو ديدار ڪندا- بس پوءِ اهلِ جنت جي نظر ۾ جمعي کان وڌيڪ پسنديده ڏينهن ڪو به نه هوندو-[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز روايت ۾ 2 سکڻ جون ڳالهيون آهن:

## (2) جمعو غريبن جو حج آهي

پهرين نمبر تي ان ۾ جمعي جي فضيلت آهي ته جمعي جو ڏينهن هن امت جي لاءِ خاص تحفو آهي ۞ جمعو يومِ عيد آهي ۞ جمعو سيني ڏينهن جو سردار آهي ۞ جمعي جي ڏينهن جهنم جي باهه نه ٻارِي ويندي آهي ۞ جمعي جي رات دوزخ جا دروازا نه کُلَندا آهن ۞ فرشتا جمعي جي ڏينهن کي يَوۡمُ الۡمَزِيۡد (يعني وڌيڪ عنايتن جو ڏينهن) چوندا آهن ۞ حديث پاڪ ۾ آهي:

اَلۡجُمُعَةُ حَجُّ الۡمَسَاكِيۡنِ يعني جمعو مسڪينن جو حج آهي-[(2)]

## (3) رمضان جي جمعي جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! جمعو ته عام ڏينهن ۾ به سردار آهي، هاڻي ته ان ۾ اَلۡحَمۡدُلِله! رمضان ڪريم جون برڪتون به شامل آهن، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: الله پاڪ ماهِ رمضان ۾ روزانو افطار جي وقت 10 لک (One million) اهڙن گنهگارن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي جن تي جهنم واجب ٿي چڪو هوندو آهي-

---

[1]... مصنف ابن شيبه، ڪتاب الجمعه، باب في فضائل الجمعه و يومها، جلد:2، صفحه:58، حديث:10 ملتقطاً-

[2]... مسند الشهاب، باب الجمعة حج المساكين، جلد:1، صفحه:81، حديث:78-

جڏهن جمعي جي رات ۽ جمعي جو ڏينهن ايندو آهي (يعني خميس ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جي ڏينهن سج لهڻ تائين)، هڪ هڪ گهڙيءَ ۾ اهڙا **10**، **10** لک گنهگار جهنم کان آزاد ڪيا ويندا آهن، جيڪي عذاب جا حقدار ٿي چڪا هوندا آهن. [1]

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام | جُھوم جاؤ مجرمو رَمَضاں مہِ غُفران ہے
دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو | جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے [2]

الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان جو به قدر نصيب فرمائي ۽ جمعي جي ڏينهن جو به قدر عطا فرمائي-

## (4) جمعي جي ڏينهن ڪرڻ وارا ڪم

۞ جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌو، ڇو ته جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌڻ وارن تي فرشتا درود موڪليندا آهن [3] ۞ ننهن ڪٽيو ۞ غسل ڪريو! ۞ نئون يا ڌوتل وڳو پايو! ۞ مريضن جي عيادت ڪريو! ۞ موقعو ملي ته جنازي نماز ۾ شرڪت ڪريو! ۞ سورة ڪهف شريف ۽ سورة يٰس شريف جي تلاوت ڪريو! ۞ هڪ اهم عمل ساعتِ جمعه ۾ دعا گهرو! ساعتِ جمعه (يعني جمعي جي ڏينهن قبوليت جي گهڙي) ڪهڙي وقت ايندي آهي، مشهور مفسّرِ قرآن، مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هن گهڙيءَ جي مُتعلق ڪجهه عالمن سڳورن جا 40 قول آهن، جن ۾ 2 قول وڌيڪ قوي آهن. (1) ٻن خطبن جي وچ وارو وقت قبوليت جي گهڙي آهي، (2) سج لهڻ کان پهريان وارو وقت قبوليت جو آهي- تنهنڪري انهن ٻنهي وقتن ۾ دعا گهرو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جيڪا دعا گهرندؤ، اُها قبول ٿيندي-

**يادرکو!** ٻن خطبن جي دوران دعا دل ئي دل ۾ گهرڻي آهي، هٿ نه کڻڻا آهن. [4]

1... شعب الايمان، كتاب الصيام، باب فضل ليلة القدر، جلد:3، صفحه:336، حديث:3695-
2... وسائلِ بخشش، صفحه:706 ملتقطاً-
3... مسند الشاميين لطبراني، جلد:4، صفحه:336، حديث:3487-
4... مراة المناجيح، جلد:2، صفحه:319 بتغير قليل-

## (5) (2) اُن جي ئي تمنا ڪن، تمنا ڪرڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان انسان آهيون، اسان جون دليون هِرڪي پونديون آهن ۞ وڏي گاڏي ڏسي دل هِرڪِي پوندي آهي ۞ وڏو گهر، ڪوٺي، بنگلو ڏسي دل لالچ ڪندي آهي ۞ مال ۽ دولت جي گهڻائي، ڪنهن جو لگزري لائف سٽائل(Luxury lifestyle) ڏسي منهن ۾ پاڻي اچي ويندو آهي ۞ وڏي عهدي جي دل تمنا ڪندي آهي ۞ عزت ۽ شهرت جي لاءِ دل چاهيندي آهي ۽ خبر نه آهي ته الائي ڇا ڇا ڏسي دل ۾ حسرت جاڳندي آهي، دل تڙپي پوندي آهي.

دل کي للچائڻ گهرجي پر انهن دنيا جي، فاني، عارضي شين جي لاءِ نه بلڪ جنت جي لاءِ للچائڻ گهرجي- الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ جنت جو ذڪر فرمايو، جنتين کي ملڻ وارن انعامن جو ذڪر ڪيو، ان کان پوءِ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَفِیْ ذٰلِكَ فَلْیَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَؕ۝۲۶ (پارو: 30، سورة المطففين: 26) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ رغبت ڪرڻ واري کي انهيءَ ۾ رغبت ڪرڻ گهرجي- |

## (6) صحابيءِ رسول جي جنت سان محبت

روايت آهي ته: ڪنهن غزوي جي موقعي تي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي جنت جو شوق ڏياريندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَسَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُۙ (پارو: 4، سورة آل عمران: 133) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڙائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. |

ان وقت اِبنِ قَسحَم نالي هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ موجود هئا، اُهي هيءَ آيت ٻڌي جهومي اٿيا ۽ ديوانگي جي عالم ۾ چيائون: واهه واهه ...!! ڇا ته ڳالهه آهي- محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: تو واهه واهه...!! ڇو ڪئي؟ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان جنت ۾ داخل ٿي وڃان ته ڇا جنت منهنجي لاءِ وسيع ٿي ويندي؟ فرمايائون: ها بلڪل- عرض ڪيائين: منهنجي ۽ جنت جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي؟ فرمايائون: بس ايترو جو دشمن جي

سامهون وڃ! ۽ (عملي طور راهِ خدا ۾ وڙهندي) الله پاڪ جي هڪ هجڻ جي گواهي ڏي-

ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هٿ ۾ ان وقت کجورون **(Dates)** هيون، هنن اُهي کائڻ بہ گوارا نہ ڪيون، کجورون هڪ طرف رکي چيائون: اي دنيا جا ڪاڏا پري ٿي وڃ...!! اِهو چئي دشمن جي سامهون ويا ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي صحابيءِ رسول جو، جنت ۾ وڃڻ جو ايترو تہ شوق جاڳيو جو هٿ ۾ موجود کجورون بہ کائڻ گوارا نہ ڪيائون، ايتري دير بہ برداشت نہ ڪيائون، فوراً وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا ۽ جنت ڏانهن هليا ويا.

پر اسان جي حالت ان جي ابتڙ آهي، اسان دنيا جا ڪم اڄ ۽ هاڻي ڪندا آهيون ۽ جنت ۾ وڃي وڃڻ وارن ڪمن کي سڀاڻي جي لاءِ رکي ڇڏيندا آهيون- مثال طور ۞ ڪمائڻو اڄ ۽ هاڻي آهي ۞ امير ٿيڻ لاءِ دل چاهيندي آهي تہ ڪنهن طرح چٽ ڦاٽي پوي ۽ آسمان کان نوٽ وَسن پر جڏهن جنت جي ڳالهہ ايندي آهي، نمازن جي ڳالهہ ايندي آهي، نيڪ ڪمن جي ڳالهہ ايندي آهي، تہ چوندا آهيون: سڀاڻي کان شروع ڪندس، ايندڙ جمعي کان شروع ڪندس، في الحال جمعي نماز جي پابندي شروع ڪريان ٿو، پوءِ آهستي آهستي ٻيون نمازون بہ پڙهڻ شروع ڪندس- ڪي تہ نيڪ ٿيڻ لاءِ پوڙهائپ جو انتظار ڪندا رهندا آهن ۽ ڪيترائي اهڙا بہ آهن جيڪي سڄو سال چوندا رهندا آهن تہ رمضان ڪريم کان نمازون شروع ڪندس پر رمضان ڪريم ايندي ئي ٻين ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندا آهن.

مطلب تہ اِهو اسان جو هڪ عام رويو آهي، اسان دنيا جا ڪم اڳ ۾ ۽ آخرت جا ڪم پوئتي رکندا آهيون- الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

1... الجہاد لابن مبارک، صفحہ:68 و69، حدیث:77-

بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا (١٦) (پارو: 30، سورة الاَعليٰ: 16)

ترجمو كنزالعرفان: بلڪ توهان دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏيو ٿا-

يعني ها! ها! اُهي توهان ئي آهيو، نيڪين ۾ اڳتي نہ ٿا وڌو، الله پاڪ جو ذڪر نہ ٿا ڪريو، نصيحت حاصل نہ ٿا ڪريو، ڇو؟ ان ڪري جو توهان دنيا جي عارضي ۽ فاني زندگي کي ترجيح ڏيو ٿا جڏهن تہ

وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى (١٧) (پارو: 30، سورة الاَعليٰ: 17)

ترجمو كنزالعرفان: ۽ آخرت بهتر ۽ باقي رهڻ واري آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيئن نہ جهنجوڙيو ويو آهي اسان کي، دنيا جا ڪم بہ ٿيندا رهندا، آخرت جيڪا هميشہ رهڻ واري آهي، بهتر آهي، باقي آهي، ان کي ترجيح ڏيو، جنت وارا ڪم ڪريو! دنيا جا ڪم پنهنجو پاڻ ئي ٿيندا رهندا-

خير! اسان کي اُن جنت جي تمنا ڪرڻ گهرجي ۽ واقعي جنت اهڙي آهي جو ان جي لاءِ ماڻهو تمنا ڪري. اچو تہ جنت جو حسين تذڪرو ٻڌون ٿا:

## (7) جنت ڪهڙي شيءِ مان ٺاهي وئي آهي؟

صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ! مِمَّ خُلِقَ الْخَلْقُ؟ يارسول الله! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مخلوق ڪهڙي شيءِ مان ٺاهي وئي آهي؟ فرمايائون: پاڻي مان- اسان عرض ڪيو: اسان کي جنت جي عمارت جي باري ۾ ٻڌايو! فرمايائون: ۞ جنت جي هڪ سِرَ سون (*Gold*) جي ۞ هڪ چاندي (*Silver*) جي آهي ۞ ان جو گارو خوشبودار مشڪ جو آهي ۞ ان جون پٿريون موتين (*Pearls*) ۽ ياقوت (*Rubies*) جون آهن ۞ ان جي مٽي زعفران جي آهي ۞ جيڪو جنت ۾ داخل ٿيندو اُهو خوش رهندو، ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيندو ۞ جنت ۾ هميشہ

رهندو، اُن کي ڪڏهن بہ موت نہ ايندو ۞ ان جا ڪپڙا پراڻا نہ ٿيندا ۞ ۽ ان جي جواني ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي۔(1)

## (8) جنتين کي تڪليف نہ ٿيندي

حضرت مجاهد رحمۃُاللہِعَلَيْه فرمائن ٿا: جنتي وڻن جا ٿُڙَ سون جا آهن، انهن جون ٽاريون زَبَرجَد ۽ ياقوت جون آهن، انهن جا پن (*Leaves*) ۽ ميوا (*Fruits*) هيٺ لڙڪيل آهن، ڪائڻ وارو جيڪڏهن بيهي ميوو پَٽِڻ چاهي تہ ان کي مُشَقَّت نہ ٿيندي، جيڪڏهن ويهي پَٽِڻ چاهي تڏهن بہ ڪيس ڪا تڪليف نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ليٽي ليٽي ڪٽڻ چاهي تہ بہ ڪيس ڪا تڪليف نہ ٿيندي۔(2)

## (9) ڇا جنتي بہ ڪائيندا پيئندا...؟

حضرت زيد بن ارقم رَضِيَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ غير مسلم شخص پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: اي ابوالقاسم صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ڇا ٿا فرمايو تہ ڇا جنتي ڪائيندا ۽ پيئندا؟ فرمايائون: ها! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي (*Possession*)۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ اهلِ جنت کي ڪائڻ پيئڻ ۾ 100 مردن جي برابر طاقت (*Power*) ڏني ويندي۔ اِهو ٻڌي ان غير مسلم پڇيو: جيڪو ڪائيندو پيئندو آهي، ان کي تہ حاجت پيش ايندي آهي ۽ جنت ۾ ڪا تڪليف نہ آهي۔ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنت ۾ قضاءِ حاجت بس ايتري ئي هوندي جو انهن کي مشڪ (*Musk*) جهڙو خوشبو دار پگهر (Sweat) ايندو (۽ سندن سمورو کاڌو هضم ٿي ويندو)۔ (3)

## (10) جنتي کاڌي جي هر گِرَهہ ۾ الڳ لذت هوندي

روايتن ۾ آهي: اللہ پاڪ فرشتن کي فرمائيندو: منهنجي دوستن (يعني اهل جنت) کي کاڌو کارايو! پوءِ انهن کي مختلف رنگن (*Colours*)جا کاڌا پيش

---

1… الزهد والرقائق، كتاب الزهد بروايةالمروزى، باب ذكر الله عزوجل، صفحه: 380، حديث:1075۔
2… موسوعہ ابن ابى الدنيا، صفة الجنة وما اعد الله لاہلها من النعيم، جلد:6، صفحه:329، رقم:51۔
3… مسند امام احمد، مسند الكوفين، حديث زيد بن اَرْقَم، جلد:7، صفحه:736، حديث:19790۔

ڪيا ويندا- جنتين کي ان ڪاڏي جي هر گِرَهه (*Morsel*) ۾ الڳ الڳ لذت ايندي- جڏهن اُهي ڪاڏو ڪائي وٺندا تہ حڪم ٿيندو: منهنجي ٻانهن کي پاڻي پياريو! هاڻي مختلف قسم جا شربت پيش ڪيا ويندا، جن جي هر هڪ ڍُڪَ ۾ ڪين الڳ الڳ ذائقو ايندو-[1]

## (11) جنت ۾ هارپو

روايتن ۾ آهي: جنت ۾ هڪ ماڻهو آرام سان ليٽيل هوندو، پنهنجا چَپَ چورِڻ بغير دل ئي دل ۾ سوچيندو تہ جيڪڏهن اجازت (*Permission*) ملي تہ مان جنت ۾ هارپو (*Farming*) ڪريان- اجان هي دل ۾ سوچي ئي رهيو هوندو تہ فرشتا پنهنجيون مُنيون بند ڪري ان وٽ پهچندا، سلام ڪندا، هُو فرشتن کي ڏسي اٿي بيهندو، ملائڪ چوندا: تو دل ۾ تمنا ڪئي، تنهنڪري اسان ٻج (*Seeds*)ڪٺي آيا آهيون- اهو شخص ٻج (*Seeds*)وٺي انهن کي زمين ۾ پوکي ڇڏيندو، (جنت ۾ جيئن تہ مشقت نہ آهي، تنهنڪري هي جئين ئي ٻج ڇٽيندو تہ) ان ئي وقت جبلن (*Mountains*) جيڏو اونچو اونچو فصل (*Crop*) ڦُٽِي پوندو- [2]

## (12) هڪ ايمان افروز مدني گُل

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان روايت ٻڌي، جنت ۾ ماڻهوءَ کي هارپي جي خواهش ٿيندي، هن جاءِ تي مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُاللهِعَلَيْه هڪ ايمان افروز نقطو بيان فرمايو آهي، لکن ٿا: ماڻهو جهڙي حال ۾ جِي رهيا هوندا، ان ئي حال ۾ مرندا ۽ جنهن حال ۾ مرندا، ان ئي حال ۾ قيامت جي ڏينهن اٿندا- اِهو شخص جيڪو جنت ۾ بہ هارپي جي خواهش ڪندو، اِهو اصل ۾ اُهو هوندو جيڪو زندگي ۾ بہ هارپو ڪندو هو، اُن کي

---

[1]... تنبيہ الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحہ:38۔

[2]... حلية الاولياء، رقم:245، عكرمہ مولى ابن عباس، جلد:3، صفحہ:383 خلاصةً۔

دنيا ۾ هارپي ڪرڻ جو شوق هو، ان ئي حال ۾ ڪيس موت آيو هوندو، تنهنڪري جنت ۾ به ان کي هارپي جا خيال ايندا رهندا-(1)

هن مان معلوم ٿيو ته جيڪي هن دنيا ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ذوق ۽ شوق سان ڪندا آهن، جيڪي هر وقت مديني جي يادن ۾ بي چين رهندا آهن ۽ ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ تڙپندا رهندا آهن، قيامت جي ڏينهن جنت ۾ به انهن کي اُهو ئي خيال هوندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عاشقانِ رسول عشقِ رسول ۾ سرشار جُهومندي جُهومندي اٿندا-

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه چا ته خوب فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| روتے روتے گر پڑیں گے ان کے قدموں میں وہاں | روزِ محشر شافعِ محشر نظر جب آئیں گے |
| خُلد میں ہو گا ہمارا داخلہ اس شان سے | یارسولَ اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے(2) |

## (13) جنتين جو حُسن و جمال

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ هر هڪ نهايت حسين ۽ جميل (*Beautiful & Graceful*) هوندو، حضرت عڪرمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جنت ۾ هر شخص 33 سالن جو نوجوان هوندو، انهن جو قد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي قد جي برابر 60 گز (يعني 90 فٽ) هوندو، سيئي خوبرو يعني خوبصورت جوان هوندا، انهن کي 70 حُلا (يعني جنتي جوڙا) پهرايا ويندا، هر حُلو 70 رنگ بدلائيندو ۽ انهن جو حسن ۽ جمال اهڙو هوندو جو جنتي پنهنجي زوجہ (زال) جي چهري ۾ ۽ سندن زوجہ ان جي چهري ۾ پنهنجو چهرو ڏسي وٺندي (يعني انهن جا چهرا آئيني وانگر صاف شفاف (*Clear and Transparent*) هوندا). (3)

---

1... مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:515 بتغير قليل-

2... وسائل بخشش، صفحہ:421-

3... تنبيہ الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحہ:38 خلاصةً-

## (14) جنتين جو حُسن وڌندو رهندو

جنت جي هڪ بي به خاص ڳالهه آهي، هن دنيا ۾ اسان جڏهن کان آيا آهيون، اسان جي عمر مسلسل وڌي رهي آهي، اسان هڪ هڪ منٽ بلڪ هڪ هڪ سيڪنڊ پراڻا ٿي رهيا آهيون، پوڙهائپ ڏانهن وڌي رهيا آهيون، جيئن جيئن عمر وڌندي آهي، تيئن تيئن حُسن، جواني، طاقت ۽ قوت ۾ گهٽتائي ايندي رهندي آهي، يعني هن دنيا ۾ اسان لمحو لمحو فنا ڏانهن وڌي رهيا آهيون- ميان محمد بخش صاحب رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه چا ته خوب چيو هو:

سَدَا نَه بَاغِيں بُلبُلْ بُولے، سَدَا نَه بَاغْ بَهارَاں
سَدَا نَه مَاپِّے، حُسن جَوَانی، سَدَا نَه صُحبَتْ يَارَاں

**مفهوم:** باغ ۾ بلبل جون ٻوليون هميشه نه رهنديون آهن، نه ئي باغ ۾ هميشه بهار (**Spring**) رهندي آهي. اهڙي طرح ماءُ پيءُ، حسن، جواني، طاقت ۽ دوستن جي صحبت (***Company***)به هميشه نه رهندي آهي.

هي دنيا جو دستور (***Custom***) آهي، هتي هر لمحو فنا ڏانهن وڃڻ وارو آهي پر جنت جو دستور نرالو هوندو- صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَاللّٰہُعَنۡهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي ان ذات جي قسم آهي جنهن محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي قرآن نازل فرمايو! دنيا ۾ جهڙي طرح لمحي لمحي پوڙهائپ ايندي رهندي آهي، اهڙي طرح جنت ۾ هر گهڙي حسن وڌندو رهندو-[1]

چا شان آهي...!! جنت ۾ فنا ته آهي ئي ڪو نه، اتي موت ته اچڻو ئي نه آهي، تنهنڪري اتي ماڻهو موت جي طرف نه وڌندا، پوڙهائپ ۽ ڪمزوري (***Weakness***)ڏانهن نه وڌندا بلڪ هر ايندڙ لمحو جنتين جي حسن ۽ جمال ۾ اضافو ڪندو-

[1]… موسوعہ ابن ابی الدنیا، صفة الجنة وما اعد اللہ لاہلها من النعیم، جلد:6صفحہ:329، رقم:13۔

## (15) جنت جي جمعہ بازار

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالک رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جنت ۾ هڪ بازار آهي، جتي اهلِ جنت هر جمعي (Friday) تي ويندا, اتي اُتر جي هوا هلندي، جيڪا سندن چهرن ۽ ڪپڙن ۾ سمائجي ويندي- ان جي ذريعي جنتين جي حسن ۽ جمال ۾ اضافو ٿي ويندو، جڏهن اهي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندا تہ سندن گهر وارا چوندا: وَاللّٰهِ لَقَدِ ازْدَدْتُمْ بَعْدَنَا حُسْنًا وَجَمَالًا خدا جو قسم! توهان جو حسن ۽ جمال اڳي کان وڌي ويو آهي.[1]

## (16) جنت جي سڀ کان اعليٰ نعمت

رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنتي جڏهن جنت ۾ پهچي ويندا تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان (*Announcement*) ڪندو: اي جنت وارؤ! توهان جي لاءِ الله پاڪ وٽ هڪ واعدو (*Promise*) آهي، جنهن کي اڄ پورو ڪيو ويندو- جنتي عرض ڪندا: ڇا الله پاڪ اسان جا عمل وزني نہ ڪيا؟ ڇا اسان جا چهرا روشن نہ ڪيا، ڇا اسان کي جهنم کان بچائي جنت ۾ داخل نہ ڪيو، پوءِ اجان ڪهڙو واعدو باقي آهي؟ بس رب ڪريم پنهنجي وجهِ ڪريم تان حجاب لاهي ڇڏيندو ۽ جنتي پنهنجي رب جو ديدار ڪندا- ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جنتين کي جيڪو ڪجهہ عطا ڪيو ويندو، ان ۾ سيني کان وڌيڪ محبوب نعمت انهن جي لاءِ رب ڪريم جو ديدار هوندو-[2]

## (17) جنت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ جنت آهي، اسان کي گهرجي تہ هِن جنت جي تمنا ڪريون، ان ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪريون- علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: **5**

---

[1]... مسلم، كتاب الجنة و صفة نعيمها واہلها، باب فی سوق الجنة...الخ، صفحہ:1089، حديث:2833۔

[2]... مسلم، كتاب الايمان، باب اثبات رویة المؤمنين فی الآخرة...الخ، صفحہ:87، حديث:181۔

ڪم آهن، جيڪڏهن پاڻهو انهن تي استقامت اختيار ڪري وٺي ته اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ داخل ٿي ويندو:

**(1):** هر قسم جي گناهن کان بچي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾ (پارو: 30، سورة النازعات: 40-41) | ترجموڪنز العرفان: ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو ته بيشڪ جنت ئي ان جو ٺڪاڻو آهي. |

**(2):** دنيا ۾ ٿوري تي ئي راضي رهي، وڌيڪ جي خواهش نه ڪري. روايت آهي: اِنَّ ثَمَنَ الْجَنَّةِ تَرْكُ الدُّنْيَا يعني دنيا کي ترڪ ڪرڻ جنت جي قيمت آهي-

**(3):** نيڪين جو حريص نه رهي. [1] ڪنهن به نيڪي کي نه ڇڏي، هر قسم جي نيڪي ڪندو رهي، مثلاً ۞ صدقو ڏيڻ جو موقعو ملي ته صدقو ڏِئي ۞ جنازو پڙهڻ جو موقعو ملي ته جنازو پڙهي ۞ علم دين سکي وٺي ۞ نمازون پڙهي ۞ مسلمانن سان مسڪرائي ڳالهائي، مطلب ته جنهن جنهن نيڪيءَ جو موقعو ڪيس ملندو رهي، اُها ڪندو رهي- اِهو نه سوچي ته هي ته منهنجو ڪم ئي نه آهي بلڪ هر قسم جي نيڪي ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو رهي، ڪهڙي خبر! اُها ئي هڪ مختصر نيڪي ڪيس جنت ۾ داخل ڪرائڻ جو سبب بڻجي وڃي-

## (18) خالي هٿين جنت ۾ ڪئين ويندس

منقول آهي: هڪ ڀيري حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حمام ۾ وڃڻ لڳا ته حمام جي مالڪ کين روڪي ورتو ۽ چيائين: توهان پئسا ڏيڻ کان سواءِ اندر نه ٿا وڃي سگهو. اِهو ٻڌي پاڻ روئڻ لڳا ۽ فرمايائون: مان هتي حمام ۾ خالي هٿين نه ٿو وڃي سگهان ته پوءِ افسوس ...!! نبين ۽ صديقن جي گهر (يعني جنت ۾) خالي هٿين ڪيئن داخل ٿي سگهندس...؟ [2]

---

1... تنبيه الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحه:40-
2... مين سدهرنا چاہتا ہوں، صفحه:17و 18 خلاصةً-

اللہ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڳالهہ تہ سوچڻ جي آهي، اسان وٽ تفريحي مقامن تي، جتي ناچ گانا ٿيندا آهن، طرح طرح جا گناهہ ٿي رهيا هوندا آهن، اهڙين جاين تي وڃڻ لاءِ بہ ٽکيٽ هوندي آهي، پئسا لڳندا آهن، هٿين خالي اُتي بہ نہ ٿا وڃي سگهون تہ پوءِ سوچيو! جنت ۾ خالي هٿين ڪيئن وڃي سگهنداسين- تنهنڪري اسان کي پنهنجا هٿ پريل رکڻ گهرجن، پئسن سان نہ، پر نيڪين سان- هڪ نيڪي جو موقعو ملي، هڪ ڪري وٺون، چئن نيڪين ڪرڻ جو موقعو ملي تہ چار ڪري وٺون، بس هڪ هڪ نيڪي ڪري پاڻ وٽ نيڪين جو ذخيرو ڪندا رهون- ميان محمد بخش رحمۃاللہعليه اشارن جي صورت ۾ اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا:

لَوئے لَوئے بھَرُ لَے کُرڑیئے جَے تُدھ بھَانڈا بھَرُنَا
شَامُ پئی بَنْ شَامُ مُحَمَّدُ، گَھرُ جَانڑِی نَیں ڈَرُنا

**وضاحت:** اي شخص! پنهنجي ٿانوَ کي جيترو پرٽو اٿئي، آهستي آهستي پريندو رَهُ، نيڪيون ڪندو رهہ...!! شام ٿيندي، يعني موت ايندو، جهنگ هوندو، انڌيري قبر هوندي، وحشت ۽ تنهائي هوندي پر جيڪڏهن تو پنهنجو ٿانءُ پريو هوندو تہ دنيا مان واپس وڃڻ وقت توکي ڪو خوف نہ ٿيندو.

## (19) دعائن جي ڪثرت ڪريو!

**(4):** چوٿون نيڪ عمل جيڪو جنت ۾ وٺي ويندو، اهو آهي: **دعائن جي ڪثرت**-[1] حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو اللہ پاڪ کان 3 ڀيرا جنت گهرندو آهي، جنت پاڻ چوندي آهي: اي اللہ پاڪ! هن کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏ-[2]

---

[1]... تنبیہ الغافلین، باب صفۃ الجنۃ واہلھا، صفحہ:40۔

[2]... ترمذی، کتاب صفۃ الجنۃ، باب ماجاء فی صفۃ انھار الجنۃ، صفحہ:605، حدیث:2572۔

سُبۡحٰنَ الله! اَلحمدُ لله! ماهِ رمضان هلي رهيو آهي، هُونئن بہ دعائن گهرڻ جو مهينو آهي، خوب دعائون گُهرو! اللّٰه پاڪ کان بخشش گهرو، جنت گهرو، جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو گهرو، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! رحمتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي- اللّٰه پاڪ چاهيو تہ شفاعتِ مصطفيٰ جي صدقي جنت نڪاٽو ٿي ويندي-

## (20) نيڪ ماڻهن سان محبت

(5): جنت ۾ وڃڻ وارو پنجون ڪم آهي: **نيڪ ماڻهن سان محبت ڪرڻ**-[1] حديث پاڪ ۾ آهي: اَلۡمَرۡءُ مَعَ مَنۡ اَحَبَّ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ ماڻهو قيامت جي ڏينهن ان سان گڏ هوندو جنهن سان هُو محبت ڪندو هوندو-[2]

مثال طور اسان غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جهڙيون اعليٰ نيڪيون ڪرڻ چاهيون تہ اسان نڪما اُهي تہ نہ ڪري سگهنداسين، تنهنڪري غوث پاڪ سان محبت ڪريون! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جنت ۾ غوث پاڪ جو پاڙو نصيب ٿي ويندو-

## (21) سيده خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنۡها جو ذڪرِ خير

**10 رمضان ڪريم** تي اسان جي پياري امي جان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوب ترين زوجهٔ محترمہ، نيڪ عورتن جي سردار، حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡها جو يومِ وصال آهي-[3]

نيڪ ماڻهن سان محبت جو هڪ عملي اظهارَ اهو بہ آهي تہ اسان انهن جي لاءِ ايصال ثواب ڪندا رهون. تنهنڪري سيني ساداتِ ڪرام جي نانِي جان سيده خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡها لاءِ ايصال ثواب جو اهتمام ڪريو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! انهن جنتين جي صدقي اسان کي بہ جنت نصيب ٿي ويندي. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... تنبيه الغافلين، باب صفة الجنة واہلها، صفحه:40۔
2... كتاب الزہد والرقاق لابن مبارک، الجز التاسع، صفحه:319، حديث:1096۔
3... امتاع الاسماع، فصل فی ذکر ازواج رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ، خديجه بنت خويلد، جلد:6، صفحه:28۔

## (22) دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: اصلاح اعمال

الحمدﷲ! دعوتِ اسلامي اُمت جي خير خواهي ۽ نيڪين جي ترغيب ڏيارڻ واري ديني تنظيم آهي، دعوتِ اسلامي مختلف شعبن جي ذريعي امت جي خير خواهي جو ڪم سر انجام ڏئي رهي آهي، انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو **شعبهٕ اصلاح اعمال** بہ آهي. هن شعبي جي ذريعي پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ، مختلف نيڪ اعمال مثلاً ۞ روزو رکڻ ۞ فضوليات کان بچندي خاموش رهڻ ۞ نگاهن کي گناهن کان بچائي جهڪائي رکڻ وغيره جو ذهن ڏنو ويندو آهي

مڪتبة المدينہ تان **نيڪ اعمال** جو رسالو حاصل ڪريو جنهن ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ 72 سوال جواب لکيل آهن، انهن سوالن کي پڙهو ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ انهن جي ذريعي روزانو پنهنجن عملن جو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ اخلاق سنورجي ويندا ۞ ڪردار سنو ٿيندو ۞ عادتون بهتر ٿينديون ۞ نيڪين تي استقامت ملندي ۞ گناهن کان نفرت ٿيندي ۞ دل روشن ٿيندي ۞ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ روحانيت ملندي ۽ ۞ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو.

هن شعبي جي تحت گذريل هڪ سال ۾ **لڪين** نيڪ اعمال جا رسالا وصول ٿيا، تقريباً **1 لک 19 هزار** تهجد ۽ سحري اجتماع ٿيا جن ۾ **14 لک 50 هزار** کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (23) ڪجهہ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان ۾ خاص طور تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪري جي ذريعي سوالن جا جواب عنايت

فرمائيندا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول انهن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **ماهِ رمضان ملهائڻ جا پُرڪيف انداز** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪن! ❀ قرآن پاڪ ۾ جتي جتي الله پاڪ "**اي ايمان وارؤ!**" چئي ايمان وارن کي خاص احڪام عطا فرمايا آهن، انهن سمورين آيتن کي مڪتبة المدينہ هڪ خوبصورت ڪتاب "**اي ايمان وارؤ!**" ۾ جمع ڪري ڇپيو آهي. هي ڪتاب سڌو سنئون اسان کي الله پاڪ جي فرمانن کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جو بهترين ذريعو فراهم ڪري ٿو. توهان هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **1000 روپين** ۾ خريد فرمايو. ❀ آمدِ رمضان جي خوشيءَ ۾ پنهنجا ۞ گهر ۞ آفيسون ۞ دڪان ۞ محلا ۞ مسجدون وغيره سجائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان دلڪش ڊيزائن جا پينافليڪس ۽ سجاوٽي جهنڊيون قيمتاً حاصل ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (24) عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

❀ **1500** کان وڌيڪ **جامعات المدينہ** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار 900 مدارس المدينہ** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم

ڪورسز ڪرايا ويندا آھن. ❀جامعات ۾ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلبا جو مجموعي تعداد تقريباً **5 لک 69 ھزار** آھي. ❀ فيضان اسلامڪ اسڪول، دارالمدينہ (اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي) جو تعداد **299** آھي، جڏھن تہ انھن ۾ پڙھڻ وارن شاگردن ۽ شاگرديائڻين جو تعداد **54 ھزار** کان وڌيڪ آھي. ❀شعبۂ قافلا جي تحت عاشقان رسول ۞ **12** مھينا ۞ **1** مھينو ۞ **12** ڏينھن ۞ ۽ **3** ڏينھن جي قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آھن، **ھڪ سال** اندر سفر ڪرڻ وارن جو تعداد **10 لکن** کان وڌيڪ آھي.

**توھان بہ خدمتِ دين جي ھن ڪم ۾ پنھنجو حصو شامل ڪريو! پنھنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو. توھان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنھن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواھي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگھجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگھجي.**

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانھن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رھيو آھيان. تاجدارِ رسالت. شھنشاھِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ (يعني جنھن منھنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو). (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---
1 ... تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

# (25) تلاوتِ قرآن سنت آهي

فرمانِ آخري نبيﷺ، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) منهنجي امت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ڪا به شيءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تلاوت کان نه روڪيندي هئي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوري سورت بقره ۽ سورت آل عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ روزانو رات جو سورت سجده، سورت ملڪ، سورت بني اسرائيل، سورت زمر، سورت ڪافرون، سورت فلق ۽ سورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به خوب تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي "**بهارِ شريعت" جلد**:3، حصو:16 ۽ امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو "**550 سنتون ۽ آداب**" خريد فرمايو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر به آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... شعب الايمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004 ـ

2... وسائل بخشش، صفحہ:669ـ

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴾1﴿ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## ﴾2﴿ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

---

1… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2… القول البديع، الباب الاول، ص2125
3… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (1)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305
2... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455